# قرآن مجيد
## ءِ اسان جون
# ذميداريون



ڊاڪٽر اسرار احمد رحمت الله عليه

شعبهٔ مطبوعات

انجمن خدام القرآن

سنڌ، ڪراچي

# قرآن مجيد

## ۽ اسان جون

# ذميداريون

ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه

شعبه مطبوعات

انجمن خدام القرآن

سنڌ، ڪراچي

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | قرآن مجيد ۽ اسان جون ذميداريون |
| ليکڪ | : | ڈاڪٽر اسرار احمدؒ |
| ڇاپيندڙ | : | مدير شعبو مطبوعات انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ<br>مرڪزي دفتر انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي B-375 پهرين منزل علامہ شبير احمد عثمانيؒ روڊ بلاڪ 6 ،گلشن اقبال ،ڪراچي پاڪستان |
| فون | : | +92-21-34993436-7 |
| ڇپجڻ جو هنڌ | : | شعبومطبوعات قرآن اڪيڊمي ياسين آباد شارع قرآن اڪيڊمي بلاڪ 9 ، فيڊرل بي ايريا، ڪراچي |
| فون | : | +92-21-36806561 |
| اي ميل | : | Publications@QuranAcademy.com |
| ويب سائٽ | : | www.QuranAcademy.com |
| پهرين ڇاپو | : | ذيقعد ۱۴۳۸ |
| تعداد | : | ۳۰۰۰ |
| هديو | : | ۲۰ روپيا |

## پوري ملڪ ۾ قرآن اڪيڊميز ۽ مرڪز

**Karachi:**
Quran Academy Defence 021-35340022-4
Quran Academy Yaseenabad 021-36337361 - 36806561
Quran Academy Korangi 021-35074664
Quran Institute Gulistan-e-Johar 021-34030119
**Hyderabad:**
Quran Academy Qasimabad 022-2106187
Quran Institute latifabad 022-3860489
**Sukkur:**
Quran Markaz Sukkur 071-5807281
**Quetta:**
Quran Academy Quetta 081-2842969
**Jhang:**
Quran Academy Jhang 047-7630861 - 7630863
**Faisalabad:**
Quran Academy Faisalabad 041-2437618
**Lahore:**
Quran Academy Lahore 042-35869501-3
**Multan:**
Quran Academy Multan 061-6510451 - 6520451
**Islamabad:**
Quran Academy Islamabad 051-2605725
**Gujranwala:**
Quran Markaz Gujranwala 055-3891695 - 0334-4600937
**Peshawar:**
Quran Markaz Peshawar 091-2584824 - 2019541
**Malakand:**
Quran Markaz Temargara 0945-601337
**Azad Kashmir:**
Quran Markaz Muzaffarabad 0982-2447221

# مهاڳ

انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي، معروف داعيِ قرآن ڊاڪٽر اسرار احمدؒ جي ديني لٽريچر جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري رهي آهي ۽ هي ڪتاب ان سلسلي جو ٻيو ڪتاب آهي. هن کان پهريون اسان جي اداري جو پهريون ڪتاب ”عظمت مصطفیٰ ﷺ“ ويجهڙ شايع ٿي چڪو آهي. هي ڪتابچو ڊاڪٽر اسرار احمد صاحبؒ جي تقرير ”مسلمانن تي قرآن مجيد جا حق“ جو خلاصو آهي. حضرت ڊاڪٽرصاحبؒ ان مضمون تي سن 1968ع ۾ جامع مسجد سمن آباد لاهور، شهر قصور جي جامع مسجد، فيبروري 1968ع ۾ اجمل باغ ڪاليج صادق آباد، تعمير ملت هاءِ اسڪول سکر ۽ گورنمنٽ ڪاليج جهنگ ۾ خطبات ارشاد فرمايا هئا.

هن وقت حضرت ڊاڪٽر صاحبؒ جو سيني کان مشهور ڪتاب ”بيان القرآن“ سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿي رهيو آهي ۽ ڪوشش آهي ته ان کي جلد کان جلد شايع ڪيو وڃي. اگر ڪنهن به شخص کي هن ڪتاب پڙهڻ سان دل ۾ قرآنِ حڪيم جي محبت، عظمت، ويجهڙائپ، پڙهڻ ۽ سکڻ لاءِ دل ۾ جذبو ۽ شوق پيدا ٿئي ٿو ته ان جي خدمت ۾ گذارش آهي ته اهي راقم، مترجم ۽ هن پروجيڪٽ جي پوري ٽيم جي حق ۾ ايمان، سلامتي ۽ اسلام جي دعا فرمائين.

والسلام

ڪفيل احمد شيخ

انچارج شعبو سنڌي

قرآن اڪيڊمي ياسين آباد

# قرآن مجيد ۾ اسان جون ذميداريون

## قرآن هڪ نهايت وڏي دولت

برادران دين! اوهان ڄڻو هوندو ۽ اوهان کي ڄاڻ هوندي تہ اسان جي گهرن ۾ هڪ اهڙو مقدس ڪتاب آهي جنهن جي تمام گهڻي عزت ڪئي وڃي ٿي ۽ انهيءَ ڪتاب کي اسان تمام سهڻي ڪپڙي ۾ ويڙهي گهر جي ڪنهن مٿانهين جاءِ تي رکندا آهيون، جيئن انهيءَ جي بي ادبي نہ ٿئي ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن گهر جو بزرگ انهيءَ مقدس ڪتاب کي کولي وڏي احترام وچان پاڪ صاف ٿي تلاوت ڪندو آهي. اسان جي ڪجهہ ديني گهراڻن ۾ گهر جا سڀ ڀاتي انهيءَ مقدس ڪتاب جي باقاعدگيءَ سان تلاوت ڪندا آهن ۽ ساڳي وقت اهي پنهنجي ٻارن کي بہ انهيءَ جي تعليم ڏيارڻ جوڪو بندوبست ڪندا آهن. پر هن وقت ڪيترن ئي گهرن ۾ انهيءَ مقدس ڪتاب کي پڙهڻ جو ڪو بہ انتظام نظر نہ ٿو اچي، صرف انهيءَ کي هڪ پاڪ ڪتاب ڄاڻي گهر جي ڪنهن مٿاهين جاءِ تي رکيو ويندو آهي.

اوهان سمجهي ويا هوندا تہ جنهن ڪتاب جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون اهو "قرآن مجيد" آهي. اهو قرآن انهيءَ الله جو ڪلام آهي جيڪو زمين ۽ آسمان جو خالق ۽ مالڪ آهي ۽ اهو ئي اسان جو رب آهي. هونئن تہ الله تعالىٰ جا اسان تي ايترا تہ احسان آهن جو جيڪڏهن اسان سڄي زندگي انهيءَ مالڪ جو شڪر ادا ڪندا رهون تڏهن بہ انهن احسانن جو مٽ نہ ٿو ٿي سگهي. مگر ڇا توهان کي خبر آهي تہ الله تعالىٰ جو سڀ کان وڏو احسان ڪهڙو آهي؟ اسان جي نبي ڪريم ﷺ ٻڌايو تہ هن ڪائنات ۾ انسانن تي الله جو سڀ کان وڏو انعام ۽ سڀ کان عظيم احسان اهو آهي تہ هن اسان کي پنهنجو ڪلام يعني قرآن مجيد عطا ڪيو آهي. انهيءَ ڪري جو قرآن مجيد اها نعمت آهي جنهن

سان جيڪڏهن اسان محبت رکون ته اسان جو هي جهان توڙي آخرت بئي سنا ٿي پوندا. ٿورو ويچار ڪريو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو اهڙو ماڻڪ موتي ملي وڃي جنهن جي سبب هن کي دنيا جون سڀئي نعمتون ميسر ٿين ۽ ساڳي وقت کيس آخرت جي ڪاميابيءَ جي ضمانت به ملي وڃي، ته ڇا اهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ اهو املهه موتي هڪ عظيم ترين دولت نه ٿيندي؟ اسان مسلمانن جي بدقسمتي ڏسو ته اهو املهه ماڻڪ موتي اسان وٽ موجود آهي جيڪو اسان کي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏي ٿو، پر اسان انهيءَ جي صحيح عظمت ۽ شان کان واقف به نه آهيون. اسان جو مثال انهيءَ فقير جهڙو آهي جنهن جي ڪنيءَ ۾ هيرا ۽ موتي موجود آهن پر اهو پنهنجي ناداني سبب انهن موتين کي رڳو شيشي جا ٽڪر ڄاڻي ٻين جي آڏو هٿ ٽنگيندو رهي ٿو.[1]

انهيءَ ڪري اسان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان سڀ کان پهرين قرآن مجيد جي اهميت ۽ انهيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪريون. قرآن مجيد جي عظمت ۽ انهيءَ جو شان ته اهو آهي ته جيڪو به ماڻهو هن مقدس ڪتاب سان دل جي گهرائين سان واسطو رکندو ته اهو نبي اڪرم ﷺ جي فرمان مطابق سڀني انسانن کان مٿانهون مرتبو ماڻيندو ۽ جيڪا قوم قرآن مجيد کي مضبوطيءَ سان پڪڙيندي ۽ ان تي عمل ڪندي ته انهيءَ قوم کي هن دنيا ۾ ئي مٿانهون مقام عطا ڪيو ويندو. بيشڪ قرآن پاڪ اها ڪيميا آهي جيڪا قومن جي تقدير بدلائڻ جي قوت رکي ٿي. بقول مولانا حالي:

اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا
اور اک نسخۂ کیمیا ساتھ لایا

اسان کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته الله تعالىٰ اسان تي ايڏو وڏو

---

[1] ”وڃين چو وٽڪار هٿ نه ڳولين هوت کي“ واري حالت فقير سان آهي رڳو بي علميءَ سبب.(مترجم طرفان)

احسان ڪيو، جو قرآن مجيد جهڙي عظيم ترين دولت اسان کي عطا فرمائي اٿس، تہ پوءِ اسان تي بہ اهو فرض آهي تہ اسان الله تعالىٰ جي انهيءَ احسان جو دل جي گهرائين سان شڪر ادا ڪريون. پر اسان الله تعالىٰ جو شڪر ڪهڙيءَ طرح ادا ڪريون؟ انهيءَ لاءِ اسان کي گهرجي تہ ١. اسين الله تعالىٰ جي پاڪ ڪلام تي ايمان آڻيون٢.انهيءَ جي تلاوت ڪريون ٣. انهيءَ کي چڱي طرح سمجهون ۽ انهيءَ تي غور ۽ فڪر ڪريون ٤. انهيءَ تي عمل ڪريون ۽ ٥. انهيءَ کي ٻين تائين پهچايون.

جيڪڏهن اسان قرآن مجيد جي حقن کي ادا ڪنداسين تہ بيشڪ اسان جي شڪر جي ادائگيءَ جي ڪا صورت نڪرندي ۽ دنيا ۽ آخرت جون سڀئي ڪاميابيون ۽ نعمتون اسان جي حصي ۾ اينديون پر جيڪڏهن اسان انهيءَ فرض جي ادائگيءَ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي تہ پوءِ اهو الله تعالىٰ جو ڪلام يعني قرآن مجيد الله تعالىٰ جي عدالت ۾ اسان جي خلاف شاهد طور پيش ٿيندو. ان وقت اسان ڪٿي جا نہ رهنداسين. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ اسين انهن مقرر ڪيل حقن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ انهن جي ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ پتوڙيون. اچو تہ انهن مقرر ڪيل حقن تي نظر وجهون.

<u>1-پهريون حق</u>

## قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي

ظاهري طور تي اها ڳالهہ ڪيڏي نہ عجب جهڙي لڳي ٿي تہ مسلمانن کي چيو پيو وڃي تہ قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي! جڏهن تہ قرآن تي ايمان آڻڻ کانسواءِ ڪو بہ ماڻهو پاڻ کي مسلمان سڏائي ئي نہ ٿو سگهي. توهان اها ڳالهہ آسانيءَ سان سمجهي ويندو جيڪڏهن هن حقيقت کي ذهن ۾ رکجي تہ ايمان جا بہ وڏا حصا آهن. هڪ زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ ٻيو دل سان قبول ڪرڻ. ايمان تڏهن ئي ڪامل ۽ مڪمل

ٿي سگهندو جڏهن زباني اقرار سان گڏوگڏ دلي يقين بہ حاصل ٿي وڃي. صفت ايمان مجمل جا لفظ اٰمَنتُ بِاللهِ کَمَا هُوَبِاَسمَائِه وَصِفَاتِه وَقَبِلتُ جَمِيعَ اَحکَامِه۔۔۔انهيءَ جي تشريح ڪري رهيا آهن.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪنهن شيءِ تي ايمان جو يقين ٿي وڃي تہ پوءِ اسان جو عمل انهيءَ شيءِ جي خلاف ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. جيئن اسان کي خبر آهي تہ باهہ ساڙي ٿي،اهو ئي سبب آهي جو ڪو بہ ماڻهو باهہ ۾ هٿ نہ وجهندو، نہ صرف ايترو پر جيڪڏهن اسان کي ڪنهن شيءِ تي شڪ آهي تہ اسان کي ان مان نقصان رسندو تہ پوءِ انهيءَ شيءِ کان بہ اسين پاسو ڪندا آهيون. جيئن اسان کي ڄاڻ آهي تہ ڪيترا ئي نانگ زهريلا نہ هوندا آهن پر تڏهن بہ اسين انهن کي جهلڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهيون. اسان جي اها دعويٰ آهي تہ اسان کي قرآن مجيد تي پورو يقين آهي، پر اسان جو طرز عمل انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي، جنهن جو واضح ثبوت اهو آهي تہ اسان نہ تہ انهيءَ جي باقاعدگيءَ سان تلاوت ڪندا آهيون ۽ نہ ئي انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. نہ رڳو ايترو پر قرآن جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيون.

انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ اسان جو ايمان ڪمزور آهي. اسان زبان سان اقرار ڪريون ٿا تہ اهو الله تعاليٰ جو ڪلام آهي، پر افسوس جو اسان يقين جي دولت کان محروم آهيون، نہ تہ جنهن کي بہ انهيءَ تي مڪمل يقين ٿي وڃي تہ پوءِ لازماً انهيءِ جي زندگيءَ جو هر عمل قرآن جي حڪمن مطابق ٿي ويندو. اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جي باري ۾ اوهان کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ انهن کي قرآن سان ڪيتري قدر محبت هوندي هئي، جيئن قرآن جي ڪا آيت نازل ٿيندي هئي تہ سندن اها ڪوشش هوندي هئي تہ هو انهيءَ آيت کي جلد کان جلد ياد ڪري وٺن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسين انهيءَ ايمان ۽ يقين جي ڪميءَ کي ڪيئن پورو ڪريون؟ ايمان ۽ يقين کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو قرآن آهي. بقول مولانہ ظفر علي خان:

وہ جنس نہیں ایمان جسے لے آئیں دکان فلسفہ سے
ڈھونڈھے سے ملے گی قاري کو قرآن کے سپاروں سے

اهڙيءَ ريت جڏهن اسان کي اهو يقين ٿي وڃي ته قرآن مجيد الله تعالىٰ جو ڪلام آهي ۽ اسان جي هدايت لاءِ ئي موڪليو ويو آهي ۽ ساڳي وقت اسان جي هر وقت ۽ قدم جو ساٿي پڻ آهي، ته جيڪڏهن اسان دل جي گهراين سان اهو يقين ڪري ورتو ته قرآن اسان لاءِ ئي آهي ته پوءِ اسان جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ويندو ۽ اسان کي محسوس ٿيڻ لڳندو ته زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي به شيون خلقيون ويون آهن انهن سڀني کان وڌيڪ بلند ترين ۽ عظمت واري شيءِ قرآن ئي آهي. بيشڪ انهيءَ کان وڌيڪ ڪا بي نعمت نه آهي. جيئن حضورﷺ جن هڪ حديث ۾ فرمايو ته جنهن ماڻهوءَ کي قرآن جهڙي دولت عطا ٿي هجي ۽ هن جي دل ۾ وري به اهو خيال پيدا ٿيو ته ڪنهن کي انهيءَ کان به وڌيڪ نعمت ملي آهي ته هن ڄڻ قرآن جو قدر ۽ مرتبو نه سڃاتو.

## بيون حق

## قرآن جي تلاوت ڪرڻ گهرجي

اسان مسلمانن تي قرآن مجيد جو ٻيون حق اهو آهي ته اسان انهيءَ جي وڏ ۾ وڏ تلاوت ڪريون. اهو ئي ڪارڻ آهي ته انهيءَ مقدس ڪتاب جي اصل قدردانن جي اها ڪيفيت قرآن مجيد ۾ پڻ بيان ڪئي وئي آهي ته:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ [1]

”جن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي سي ان کي اهڙي طرح پڙهن (تلاوت) ٿا جهڙو ان جي پڙهڻ (تلاوت) جو حق آهي.“

الله تعالىٰ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي ته قرآن مجيد جي

1)سورة البقرة ٢، آيت ١٢١

تلاوت ڪرڻ جو حق ادا ڪري سگهون (آمين!). انهيءَ جي باري ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم اها ڳالهه ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن مجيد جي باربار تلاوت ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ جڏهن تہ اسان سڀني کي اها خبر آهي تہ انسان اشرف المخلوقات آهي، ايتري قدر جو فرشتن بہ انهيءَ کي سجدو ڪيو هو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ جي برتريءَ کي پڻ تسليم ڪيو هو. پر انسان جي اشرف المخلوقات ٿيڻ جو اصل سبب اهو آهي تہ هن جي تخليق ۾ جتي مٽي ۽ گارو شامل آهي تہ انهيءَ سان گڏوگڏ هن ۾ روح بہ داخل ڪيو ويو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ الله تعالیٰ فرشتن سان مخاطب ٿي فرمايو تہ

اِنِّیۡ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنۡ طِیۡنٍ ﴿۷۱﴾ فَاِذَا سَوَّیۡتُهٗ وَ نَفَخۡتُ فِیۡهِ

مِنۡ رُّوۡحِیۡ فَقَعُوۡا لَهٗ سٰجِدِیۡنَ ﴿۷۲﴾[1]

”(اهووقت ياد ڪر) جڏهن تنهنجي رب ملا ئڪن کي چيو
تہ بيشڪ آءٌ مٽيءَ مان هڪ انسان پيدا ڪرڻ وارو آهيان.
پوءِ جڏهن انهيءَ کي ٺاهي وٺان ۽ ان ۾ پنهنجي روح مان
ڦوڪيان تہ ان جي آڏو سجدي ۾ ڪري پئجو“

مطلب تہ اشرف المخلوقات (انسان) جي تخليق جا بہ حصا آهن، هڪ گوشت جو ٺهيل جسم آهي جيڪو مٽيءَ مان ٺهيو آهي ۽ ٻيو حصواهو روح آهي جنهن جي نسبت الله تعالیٰ پنهنجي ذات ڏانهن ڪئي آهي. انهيءَ گوشت واري حصي جون سڀئي ضرورتون انهيءَ ساڳيءَ مٽيءَ مان ئي پوريون ٿين ٿيون، پر روح جو تعلق هن زمين سان نہ آهي، بلڪ هن جو فرشتن واري دنيا سان واسطو آهي. اهڙي ريت روح جي غذا بہ مٽيءَ مان حاصل نہ ٿي ٿئي پر ”وحي الٰهي“جي صورت (Form) ۾ آسمانن کان ايندي آهي. انهيءَ حساب سان قرآن مَجيد حقيقت ۾ اسان جي روح لاءِ غذا جو ڪم ڏئي ٿو ۽ انهيءَ جي

[1] سورۃ ص ۳۸، آيت ۷۲، ۷۱

تلاوت روحاني نشونما ۽ ان جي تازگيءَ جو اهم ذريعو آهي. اهڙيءَ طرح اها ڳالهه اسان جي آڏو صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ جهڙيءَ طرح اسان پنهنجي جسم کي صحتمند رکڻ لاءِ مسلسل محنت ڪريون ٿا ۽ سنو کاڌو کائون ٿا، انهيءَ ريت اسان پنهنجي روح کي پاڪ ۽ صاف رکڻ لاءِ بار بار قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا رهون ۽ انهيءَ سان گڏ ان کي سهڻي نموني سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي بہ ڪوشش ڪريون. قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون تمام ضروري آهن.

## 2.1. تجويد

قرآن مجيد جي صحيح تلاوت لاءِ تجويد سکڻ تمام ضروري آهي. تجويد جو مطلب آهي تہ عربي حرفن جي سڃاڻپ ، انهن جي صحيح ادائگي، ۽ انهيءَ سان گڏ قرات جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ. تجويد سمجهڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي جو ان کان سواءِ قرآن جي صحيح تلاوت نہ ٿي سگهندي، بلڪ اهو خطرو رهندو تہ ڪٿي قرآن جي معنىٰ ۾ فرق نہ اچي وڃي. مثال طور "قُل" جو مطلب آهي "چئو" پر جيڪڏهن انهيءَ کي "ڪل" پڙهيو وڃي تہ ان جو مطلب ٿي پوندو "کائُ". اهڙيءَ طرح"اَنعَمتَ" جو مطلب آهي "تو فضل ڪيو (آهي)" پر جيڪڏهن انهيءَ کي "اَنعَمتُ" پڙهيو وڃي تہ ان جو مطلب ٿي پوندو "مون فضل ڪيو (آهي)". توهان ڏٺو تہ زبر ۽ پيش جي معمولي غلطيءَ جي ڪري مطلب ۽ مفهوم ۾ ڪيڏو نہ فرق ٿي پيو. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ تجويد جو سکڻ تلاوت جو بنيادي جز(Component) آهي.

## 2.2.باطني ۽ ظاهري آداب

قرآن مجيد جي تلاوت ڪندي ڪجهہ آداب (**Etiquettes**) جو خاص خيال رکڻ تمام ضروري آهي جن مان ڪي ظاهري قسم جا آداب آهن تہ ڪجهہ جو تعلق اسان جي باطن(**Internal**) سان ٿئي ٿو. ظاهري دستور ۾

باوضو هئڻ، پاڪ ۽ صاف لباس پائڻ ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري ادب سان ويهڻ شامل آهي. انهيءَ ريت اهو بہ ضروري آهي تہ تلاوت جي شروعات اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان ڪئي وڃي.

باطني قسم جا آداب هن ريت آهن تہ دل ۾ الله ۽ ان جي پاڪ ڪلام جي عظمت جو احساس هجي ۽ الله تعالىٰ جي ناراضگي جو ڊپ (Fear) ۽ انهيءَ جي محبت جو جذبو ۽ رحمت جي اميد دل ۾ پيدا ڪرڻ جي نيت هئڻ گهرجي. اهڙي طرح تلاوت هميشہ هدايت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪئي وڃي ۽ ساڳئي وقت دل ۾ اهو پڪو ارادو هئڻ گهرجي تہ تلاوت ڪرڻ سان جيڪي ڪجهہ سمجهہ ۾ آيو انهيءَ تي عمل ڪندس ۽ قرآن مجيد جي هدايت مطابق زندگي گذاريندس.

## 2.3. روز جو معمول

قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ ان جي تلاوت کي پنهنجي روزاڻي جي مصروفيت (Routine) ۾ شامل ڪيو وڃي. روزانو ڪيتري تلاوت ڪجي ان جي گهٽ وڌائيءَ جي ڪافي گنجائش موجود آهي ۽ مختلف ماڻهن جي لاءِ ان جي مختلف حد ٿي سگهي ٿي. بهرحال! ٽن ڏينهن کان گهٽ وقت ۾ قرآن مجيد پوروڪرڻ درست نہ آهي. يعني روزانو ڏهن پارن[1] کان وڌيڪ پڙهڻ حضور ﷺ جي ارشاد مطابق مناسب نہ آهي[2]. ان هوندي بہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ پارو ضرور پڙهڻ گهرجي تہ جيئن هڪ مهيني ۾ پوري قرآن مجيد جي تلاوت مڪمل ٿي وڃي. اصحاب سڳورن رضي الله

[1]) هتي اها وضاحت ضروري آهي تہ سنڌي ٻولي ۾ هڪ پاري کي بہ سيپارو چيو ويندو آهي جيڪو هڪ غلط اصطلاح آهي. بنيادي طور تي سيپارو فارسي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي 30 پارا. ان ڪري اها تصحيح ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ سيپاري لاءِ پاري جو اصطلاح استعمال ڪرڻ گهرجي.)

[2])لم يفقه من قراء القرآن فی اقل من ثلاث (ترمذی، کتاب، القراءات، باب ماجاء ان القرآن انزل علی سبعة أحرف)

عنهم جو اهو معمول هو تہ اهي هڪ حزب (هڪ منزل) جي تلاوت ڪري ستن ڏينهن ۾ قرآن مجيد پورو ڪندا هئا.

اوهان کي ڄاڻ هوندي تہ قرآن مجيد جون ست منزلون آهن ۽ هر هڪ منزل اٽڪل ساڍن چئن پارن تي مشتمل آهي جنهن جي تلاوت وڏي آرام ۽ سڪون سان ٻن ڪلاڪن ۾ ڪري سگهجي ٿي.

## 2.4 خوش الحاني (مٺو ۽ سريلو آواز)

رسول اڪرم ﷺ تاڪيد ڪندي فرمايو تہ زَيِّنُوالْقُرآنَ بِاَصْوَاتِكُمْ[1] يعني قرآن کي پنهنجي آواز سان سهڻو بڻايو. انهيءَ معاملي ۾ ڪوتاهي ۽ بي پرواهي ڪرڻ تي پاڻ سڳورن سخت تنبيهہ ڪندي فرمايو تہ لَيسَ مِنَّا مَنْ لَّمْ يَتَغَنَّ بِالْقُرآنِ[2] يعني جيڪو ماڻهو قرآن کي سهڻي آواز ۾ نہ پڙهندو اهو اسان مان نہ آهي. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ اسين قرآن مجيد جي وڏ ۾ وڏ سني ۽ سريلي آواز ۾ تلاوت ڪريون.

## 2.5 ترتيل

قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اسان ان کي ترتيل جي انداز ۾ پڙهون. ترتيل جو مطلب آهي هوريان هوريان پڙهڻ يعني قرآن مجيد جي هر آيت تي بيهندي ۽ ان جي مقصد ۽ مفهوم کي سمجهندي ۽ ان جي تاثير ۽ اثر کي دل ۾ قبول ڪندي پڙهيو وڃي. پاڻ سڳورن ﷺ کي شروع کان ئي اهو حڪم ڪيو ويو آهي:

---

۱) سنن ابن ماجه، كتاب إقامة الصلاة والسنة فيها، باب في حسن الصوت بالقرآن۔

۲) بخاری، كتاب التوحيد، بَاب قَوْلِ اللهِ تَعَالَى وَأَسِرُّوا قَوْلَكُمْ أَوْ اجْهَرُوا بِهِ إِنَّهُ عَلِيمٌ

يَا أَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝١ قُمِ اللَّيْلَ إِلَّا قَلِيلًا ۝٢ نِصْفَهُ أَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيلًا ۝٣
أَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا ۝٤ [1]

” اي چادر ويڙهڻ وارا (يعني اي محمدﷺ) رات جو قيام ڪريو (نماز لاءِ اٿو) مگر ٿوري رات (۽ اهو قيام) رات جو اڌ هجي يا ان مان ڪجهه گهٽايو يا ان (قيام) ۾ ڪجهه واڌارو ڪريو ۽ قرآن کي ترتيل (آهستي آهستي سٺي ۽ سهڻي آواز) سان پڙهو.“

## 2.6 حفظ

عام طور تي اهو سمجهيو وڃي ٿو ته حفظِ قرآن پوري قرآن کي زباني ياد ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اهو ڪم ڪنهن خاص گروهه جي ماڻهن جي ڪرڻ جو آهي. حقيقت ۾ اها سوچ صحيح نه آهي، بلڪ حفظِ قرآن مان مراد آهي ته هر مسلمان قرآن کي وڌ ۾ وڌ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي جيئن اهو انهيءَ لائق ٿي سگهي جو نفل نمازن ۾ ۽ خاص ڪري تهجد جي نماز ۾ گهڻي کان گهڻو قرآن پڙهي سگهي. انهيءَ ڪري حضور اڪرمﷺ جو اهو معمول هوندو هو ته پاڻ سڀ‍ڳورا تهجد جي نماز ۾ ڊگهي قرات ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ هڪ رڪعت ۾ ڪيترن ئي پارن جي تلاوت فرمائيندا هئا. تنهن ڪري اسان مان هرهڪ مسلمان کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته قرآن جو ڪجهه نه ڪجهه حصو ضرور ياد ڪري ۽ قرآن مجيد جا گهٽ ۾ گهٽ پڇاڙيءَ (End) وارا ٽي چار پارا ته اسان مان هر ڪنهن کي ياد هئڻ گهرجن. اهو انهيءَ ڪري جو پڇاڙيءَ وارن پارن ۾ سورتون گهڻيون ڊگهيون نه آهن ۽ ساڳئي وقت نماز ۾ به اڪثر اهي ئي سورتون پڙهيون وڃن ٿيون. پر

1) سورة المزمل ٧٣، آيت:١-٤

جيڪڏهن ڪو ماڻهو پورو قرآن مجيد ياد ڪري ته يقينا اهڙي ماڻهوءَ لاءِ وڏو اجر آهي.

3.ٽيون حق

## قرآن مجيد سمجهڻ گهرجي

قرآن مجيد جو ٽيون حق اهو آهي ته ان کي سمجهڻ گهرجي. بيشڪ قرآن پوري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪتاب آهي، پر ساڳي وقت اهو ئي سڀ کان وڌيڪ مظلوم ڪتاب آهي جيڪو سمجهڻ کان سواءِ پڙهيو وڃي ٿو. دراصل ائين ڪرڻ سان مسلمان پاڻ تي ظلم ڪري ٿو.(١)

اسان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته سمجهڻ کان سواءِ قرآن پڙهڻ ۾ ثواب نه ملندو، حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي ته قرآن جي هر هڪ اکرجي تلاوت ڪرڻ جي بدلي ڏهه نيڪيون ملنديون آهن. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ مثال ڏيندي فرمايو ته "الم" ٽي اکر آهن، انهن جي تلاوت ڪرڻ تي ٽيهه(٣٠) نيڪيون ملن ٿيون.(٢) سندن انهيءَ ارشاد مبارڪ مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته قرآن مجيد جي سمجهڻ کان سواءِ تلاوت به ثواب کان خالي نه آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اهي ماڻهو جن دنياوي علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري زندگي انهيءَ ڪوشش ۾ گذاري ڇڏي ۽ اهي الله جي دين کي سمجهڻ لاءِ بنيادي عربي به نه سکيا! اهي الله جي اڳو ڪهڙو جواب ڏيندا؟ اسان دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جا ويهه ورهيه لڳائي ڇڏيون ٿا ۽ ساڳي ئي وقت دولت ڪمائڻ جي لالچ ۾ ڌارين جي ٻولي سکڻ لاءِ به هر

---

١)شاه عبداللطيف ڀٽائي هن طرح بيان ڪئي آهي ته:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾

پاڻان ڏوهه چڙهن، جي ورق ورائين وترا (مترجم طرفان)

٢)من قرا حرفا۔۔۔۔(ترمذی، کتاب فضایل القرآن ،باب ماجاء فیمن قرا حرفا من القرآن)

گهڙي تيار آهيون، پر الله جي پاڪ ڪلام کي سمجهڻ لاءِ عربي زبان سکڻ جي ٿورڙي ڪوشش به نه ٿا ڪريون، ته پوءِ انهيءَ جو سنئون سڌو مطلب اهو آهي ته اسان جي نظرن ۾ الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام جو ڪو به قدر ۽ اهميت (Importance & Value) نه آهي. اسان جو اهڙو رويوگناهه جو سبب بڻجي رهيو آهي جيڪو تمام وڏو جرم آهي. بهرحال اهي سيئي ماڻهو جن دنياوي تعليم حاصل ڪئي آهي يعني مئٽرڪ، بي.اي (B.A)، ايم اي (M.A) وغيره انهن لاءِ عربي زبان سکڻ لازمي آهي. الله جو پيغام سمجهڻ لاءِ اسان مان هر هڪ کي عربي ٻولي سکڻ گهرجي.

قرآن مجيد کي سمجهڻ ۽ انهيءَ مان نصيحت حاصل ڪرڻ جا ٻه درجا آهن. پهريون درجو " تذڪر" آهي. تذڪر جو لفظ "ذڪر" مان نڪتل (Derived) آهي جنهن جو مطلب آهي يادگيري (Reminder). اها ڳالهه اوهان جي علم ۾ هوندي ته قرآن پنهنجو پاڻ کي ذڪر[1] به چوي ٿو ، يعني يادداشت ۽ نصيحت. حقيقت ۾ يادگيري هميشه ڪنهن وسريل ڳالهه جي ڪرائي ويندي آهي ۽ يادداشت جي لاءِ ڪا نشاني وڏي ڪارگر ثابت ٿيندي آهي. مثال طور اوهان جي ڪنهن عزيز دوست ڪجهه ورهيه اڳ اوهان کي تحفي ۾ هڪ بهترين قلم ڏنو ۽ اهو قلم اوهان پنهنجي ڪٻٽ جي ڪنهن خاني جي ڪنڊ ۾ رکي وساري ڇڏيو ۽ ساڳي وقت انهيءَ دوست سان به توهان جي ورهين کان ملاقات نه ٿي هجي، وري ڪنهن ڏينهن اوچتو اوهان کي انهيءَ دوست جو ڏنل قلم ڪٻٽ ۾ نظر اچي وڃي ۽ انهيءَ نشانيءَ کي ڏسندي ئي پنهنجي دوست جي ياد تازه ٿي وڃي ٿي.

بلڪل اهڙيءَ طرح قرآن جون آيتون به نشانيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. اسان پنهنجي غفلت ۽ ڪوتاهيءَ جي ڪري الله تعاليٰ کي وساري ڇڏيون ٿا، پر جڏهن قرآن مجيد جي تلاوت ڪريون ٿا ته انهيءَ جو هڪ هڪ جملو نشانيءَ جو ڪم ڏي ٿو ۽ انهيءَ تي غور ڪرڻ سان دل ۾

١)سورة الحجر١٥ آيت٩

ڏٺيءَ جي ياد تازي ٿي وجي ٿي. انهيءَ ڪري ائين محسوس ٿئي ٿو تہ اهو "الست جو واعدو"[1] جيڪو الله تعالیٰ سيني انسانن کان انهيءَ گهڙيءَ ورتو هو جڏهن صرف روحن جي تخليق ٿي هئي ۽ انهيءَ کي ياد ڏيارڻ ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن نازل ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جي هر جملي کي "آيت" چيو وڃي ٿو، جنهن جو مطلب آهي "نشاني". يعني قرآن جي آيتن کي جيڪڏهن اسان سمجهي پڙهون تہ الله تعالیٰ تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي بندگيءَ جي واعدي جي يادگيري تازي (Revive) ٿي وڃي ٿي ۽ هر مسلمان کي اهڙي يادگيريءَ جي ضرورت آهي تہ نصيحت حاصل ڪري. اهو ئي سبب آهي جو الله تعالیٰ قرآن مجيد کي انهيءَ لحاظ کان نهايت آسان بڻايو آهي جيئن ارشادِ رباني آهي تہ:

وَ لَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ [2]

" ۽ يقينن اسان قرآن کي نصيحت پرائڻ لاءِ تمام آسان ڪيو آهي. پوءِ آهي ڪو نصيحت پرائڻ وارو؟ "

قرآن مجيد کي سمجهڻ ۽ انهيءَ مان نصيحت حاصل ڪرڻ جو ٻيو درجو" تدبر" آهي. يعني قرآن تي غور ۽ فڪر، سوچ ۽ ويچار ڪرڻ ۽ انهيءَ مان علم، حڪمت ۽ معرفت جا موتي ميڙي ڪڍڻ. حضور اڪرم ﷺ فرمايو آهي تہ قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن جي مطالعي مان عالم ڪڏهن بہ ڍاپي نہ سگهندا ۽ نہ ئي تلاوت جي ڪثرت سان انهيءَ جي چاهت ۾ گهٽتائي ايندي ۽ نہ وري انهيءَ جي (جاڻ جي) عجائبات جا خزانا ڪڏهن ختم ٿيندا.[3] اهڙي انداز سان قرآن جو مطالعو ڪرڻ ۽ قرآني علم جي حيرت ۾ وجهندڙ حقيقتن کان صحيح

---

(1)ان واعدي جو ذڪر سوره الاعراف جي آيت نمبر 172 ۾ آهي

(2)سورۃالقمر ۵۴آيت: ۱۷

(3)لايشبع منه العلماء---(ترمذی ،ڪتاب فضايل القرآن ،باب ماجاء في فضل القرآن)

طريقي سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ مٿانهين درجي جي علمي صلاحيت جي ضرورت آهي جنهن لاءِ هر دور ۾ ڪي اهڙا شخص ضرور هئڻ گهرجن جيڪي اهڙي انداز سان قرآن جو مطالعو ڪن ۽ پوري زندگي قرآن جي غور ۽ فڪر ۾ کپائين ۽ ساڳئي وقت انهيءَ جي حڪمت، علم ۽ معارف کي عام ڪرڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي نہ ڪن.

## چوٿون حق

# قرآن تي عمل ڪيو وڃي

هر مسلمان تي قرآن مجيد جو چوٿون حق اهو آهي تہ ان تي عمل ڪري ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ جو رهنما بڻائي. حقيقت اها آهي تہ قرآن مجيد پڙهڻ ۽ سمجهڻ تڏهن ئي وڏيڪ فائديمند ثابت ٿيندو جڏهن ان تي عمل ڪيو وڃي. قرآن "هُدًى لِّلنَّاسِ"[1] يعني سيني انسانن جي لاءِ رهنمائي آهي. ان ۾ اسان جي هر معاملي جي لاءِ هدايت موجود آهي. قرآن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ اسان کي ڪهڙين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙين ڳالهين کان پاسو ڪرڻ کپي. انهيءَ ۾ انفرادي (Individual) حڪم بہ آهن ۽ اجتماعي (Collective) بہ آهن. الله تعالیٰ اسان کي اهي واضح هدايتون انهيءَ ڪري عطا ڪيون آهن تہ جيئن اسان انهن مطابق پنهنجي زندگي گذاري سگهون. جيڪڏهن الله تعالیٰ جي قانون تي عمل نٿا ڪريون، جيڪو اسان جي لاءِ ئي مفيد آهي تہ پوءِ اها وڏي ناشڪري جي ڳالهہ آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ "سوره المائده" ۾ ارشاد آهي تہ :

وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ ○[2]

"۽ جيڪي الله جي نازل ڪيل(ڪتاب يا حڪم) مطابق

---

١)سورة البقره٢: آيت: ١٨٥

٢)سورة المائده٥:آيت:٤٤

فيصلو نہ ڪندا تہ اهي ئي ماڻهو ڪافر (منڪر) آهن.“

انهيءَ ڳالهہ کي حضور اڪرمﷺ هڪ ٻئي انداز ۾ واضح فرمايو تہ: مَا آمَنَ بِا القُرآنِ مَنِ استَحَلَّ محَارِمَه(١)يعني جنهن ماڻهوءَ ڪنهن اهڙي شيءِ کي پنهنجي لاءِ جائز ڪري ورتو جنهن کي قرآن حرام قرار ڏنو هجي تہ اهڙو شخص قرآن تي ايمان نہ ٿو رکي.

اها اسان جي لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو ڪم ڪري ٿو جنهن کي قرآن حرام قرار ڏنو هجي تہ پوءِ اهڙي شخص جي لاءِ حضورﷺجو فيصلو آهي تہ اهو مومن نہ آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ اها اسان جي بنيادي ذميداري آهي تہ اسان قرآن کي انهيءَ ارادي سان پڙهون ۽ سمجهون تہ اسان کي هر حال ۾ قرآن جي ٻڌايل واٽ تي هلڻو آهي. پوءِ ڇو نہ اسان کي ڪيترين ئي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون، ڇو نہ ڪهڙيون ئي قربانيون ڏيڻيون پون، انهيءَ ڪان سواءِ قرآن تي عمل جو حق ادا ٿي ئي نہ ٿو سگهي.

حقيقت اِها آهي تہ جيڪي ماڻهو قرآن جي رڳو تلاوت ڪن ٿا پر انهيءَ تي عمل نہ ٿا ڪن تہ پوءِ اهڙن ماڻهن جي لاءِ قرآن جي تلاوت ڪا خاص فائديمند ثابت نہ ٿيندي. انهيءَ جي ابتڙ (Opposite) اهو ٿي سگهي ٿو تہ اهڙي تلاوت هن لاءِ نقصانڪار ٿي پوي. امام غزاليؒ پنهنجي ڪتاب ”احياءُ العلوم“ ۾ لکيو آهي تہ ” قرآن جا ڪجهہ پڙهڻ وارا اهڙا بہ آهن جن کي لعنت ڪان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿو ٿئي. اهو ان ڪري تہ جڏهن اهي قرآن ۾ پڙهن ٿا تہ لَّعۡنَتَ اللّٰهِ عَلَى الۡكٰذِبِيۡنَ[٢] يعني ڪوڙن ماڻهن تي الله جي لعنت هجي. جيڪڏهن اهي پاڻ ڪوڙ ڳالهائين ٿا تہ اها لعنت پاڻ انهن تي ئي ايندي“.

اهڙيءَ طرح گهٽ تورڻ، گهٽ ماپڻ، پرپٺ گلا(Back Biting)

---

١)(ترمذي ڪتاب فضايل القرآن باب ماجاء فيمن قراء حرفامن القرآن )

٢)سنن الترمذی، کِتَاب فَضَائِلِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللهِ ﷺ، بَاب مَا جَاءَ فِيمَنْ قَرَأَ حَرْفًا مِنَ الْقُرْآنِ مَالَهُ مِنَ الْأَجْرِ

ڪرڻ وارا ۽ مھٹا ڏيڻ وارا قرآن مجيد پڙھندي بہ قرآن جي سخت سزائن جا مستحق بڻجن ٿا. جڏھن اسان حضور اڪرم ﷺ ۽ سندن اصحاب سڳورنؓ جي زندگيءَ تي نظر وجھون ٿا تہ اسان کي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ انھن ماڻھن جي زندگين ۾ قرآن سمايل ھو، ھنن جو ھر ھڪ عمل انھيءَ ڳالھہ جي شاھدي ڏئي ٿو تہ ھنن قرآن کي وقت مطابق پنھنجو رھنما بڻايو ۽ انھن پنھنجي مرضي ۽ خواھشن کي قرآن جي فيصلي جي آڏو جھڪائي ڇڏيو ھو. حضرت عائشہؓ کان ھڪ اصحابيؓ سوال پڇيو تہ حضور اڪرم ﷺ جي سيرت ڪيئن ھئي؟ تہ بيبي عائشہؓ جواب ۾ ارشاد فرمايو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت قرآن ئي تہ آھي. يعني حضور اڪرم ﷺ جي زندگي قرآن جي حڪمن مطابق ھئي.(1)

مطلب تہ پاڻ سڳورا ﷺ ھڪ گھمندڙ ڦرندڙ(چلتا پھرتا) قرآن ھئا. اسان جي لاءِ اھا رھنمائي آھي تہ جيڪڏھن اسان اھو چاھيون ٿا تہ قرآن جي مطابق زندگي گذاريون تہ پوءِ اسان جي لاءِ حضور ﷺ جن جي زندگي ھڪ بھترين نمونو آھي. مطلب تہ حضور اڪرم ﷺ جي نقشِ قدم(Foot prints) تي ھلڻ ڄڻ قرآن تي ئي عمل ڪرڻ آھي.

قرآن مجيد جا ڪجھہ احڪام انفرادي زندگيءَ جي متعلق آھن ۽ ڪن جو تعلق وري اجتماعي معاملن سان آھي. اھڙا سڀئي معاملا جن جو تعلق ڪنھن فرد جي ذاتي زندگيءَ سان آھي مثال طور نماز، روزو، حج، زڪوات، حلال رزق ڪمائڻ ۽ ٻين سان سنو ورتاءُ ڪرڻ وغيره اھي احڪام ھر مسلمان جي لاءِ ھر گھڙي لازم آھن. پر اھي احڪام جيڪي اجتماعي معاملن جي متعلق آھن، مثال طور چور جا ھٿ وڍڻ ۽ وياج (Interest) جي ڪاروبار جو خاتمو ڪرڻ وغيره اھڙن ڪمن تي تيسيتائين عمل نہ ٿو ڪري سگھجي جيسيتائين طاقت ۽ حڪومت مسلمانن جي ھٿ ۾ نہ ھجي. اھڙن حالتن ۾ جڏھن تہ مسلمانن وٽ

1)مسند احمد،باقي سنداه نصار حديث السيده عاءشہ رضي الله عنھا

اقتدار ۽ حڪومت نہ هجي تہ پوءِ سيني مسلمانن تي اهو فرض لاڳو ٿئي ٿو تہ اهي اسلام جو غلبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪن، تہ جيئن قرآن جي سيني حڪمن تي عمل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي. انهيءَ ڪري تہ قرآن جي ڪن حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪن جي خلاف ورزي ڪرڻ الله تعاليٰ جي نظر ۾ تمام وڏو گناهہ آهي. يهودين ۾ اها گمراهي پيدا ٿي وئي هئي تہ اهي تورات جي ڪن هدايتن تي عمل ڪندا هئا ۽ ڪن حڪمن جي خلاف ورزي ڪندا هئا. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ سورة البقرة ۾ تمام سخت لفظن ۾ تنبيهہ فرمائي آهي تہ ڇا توهان ڪتاب جي ڪجهہ حصن کي مَڃو ٿا ۽ ڪجهہ حصن جو انڪار ڪريو ٿا؟[1] توهان مان جيڪو ائين ڪندو انهيءَ جي سزا انهيءَ کان سواءِ ڇا ٿي سگهي ٿي تہ ان کي دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ۽ آخرت ۾ سخت عذاب ۾ وڌو وڃي. ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اڄ پوري دنيا ۾ مسلمانن جي ذلت ۽ خواريءَ جو اصل ڪارڻ اهو آهي تہ اسان قرآن کي ڇڏي ڏنو آهي. اسان قرآن مجيد جي ڪن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا، پر اڪثر حڪمن جي کلي عام خلاف ورزي ڪري رهيا آهيون. نہ صرف ايترو پر قرآن کان اسان جي بي پرواهيءَ جي اها حالت آهي جو اسان اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿا ڪريون تہ قرآن ۾ اسان کي ڪهڙيون هدايتون ۽ حڪم ڏنا ويا آهن.

وہ زمانے میں معزز تھے مسلماں ہو کر
اور تم خوار ہوئے تارک قرآں ہو کر

<u>پنجون حق</u>

## قرآن مجيد ٻين تائين پهچايو وڃي

قرآن مجيد جو پنجون ۽ آخري حق اهو آهي تہ انهيءَ کي ٻين تائين پهچايو وڃي. ان حوالي سان پهريون ڪم آهي تبليغ، مطلب تہ

1) سورة البقرة ٢:٨٥

قرآن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۽ انهيءَ تي عمل ڪرڻ کي ڪافي نہ سمجهيو وڃي بلڪ سڀني مسلمانن تي اهو فرض لاڳو ٿئي ٿو تہ دنيا جي سڀني ماڻهن تائين قرآن جو پيغام پهچائين.

انهيءَ ڪري تہ جيڪڏهن اسان مسلمان قرآن جو پيغام پوري دنيا ۾ نہ پهچائينداسين تہ ٻيو ڪير پهچائيندو؟ رسول اللهﷺ الله تعاليٰ جو آخري نبي آهي ۽ قيامت تائين ڪو ٻيو نبي نہ ايندو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جو پيغام جن ماڻهن تائين اجا نہ پهتو آهي انهن تائين انهيءَ پيغام کي پهچائڻ جي ذميداري حضورﷺ جي امت تي يعني اسان تي آهي. الله جي رسولﷺ مسلسل ٢٣ سالن تائين انهيءَ قرآن جي دعوت ۽ تبليغ جو فرض سرانجام ڏنو. ڏنو وڃي تہ اهو ڪم سولو نہ هو، اهو تمام ڏکيو ۽ جاکوڙ وارو ڪم هو. انهيءَ جدوجهد ۾ ڪين هر قسم جون تڪليفون ۽ مصيبتون ڏسڻيون ۽ برداشت ڪرڻيون پيون. پرپاڻ سڳوراﷺ هرمصيبت کي پوري صبر ۽ تحمل سان برداشت ڪيو ۽ پنهنجي مشن کي جاري رکيو. ايستائين جو٢٣ سالن جي ڀرپور جدوجهد جي نتيجي ۾ پاڻﷺ پوري عرب ۾ نہ صرف اِهو تہ الله جي پيغام ۽ ان جي آخري هدايت نامي کي مڪمل انداز ۾ پهچائي ڇڏيو پر ان هدايت جي بنياد تي هڪ نظامِ حڪومت قائم ڪري اهو ثابت ڪيو تہ الله جو ڏسيل رستوئي صحيح ترين رستو آهي ۽ الله جو دين دنيا جي سڀني نظامن کان ڀلو آهي.

تبليغ بابت الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي تہ:

يَآاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ(١)

”اي رسولﷺ! جيڪي ڪجهہ توهان جي رب جي طرف کان توهان تي نازل ٿيو آهي اهو (ٻين تائين) پهچايو.“

١)سورة المايده٥: آيت:٦٧

انهيءَ طرح رسول الله ﷺ جن اسان کي حڪم ڏنو آهي تہ: بَلِّغُوا عَنِّي وَلَوْ آيَةً[1] يعني منهنجي طرفان پهچايو توڙي جو هڪ آيت چو نہ هجي. ٻيو ڪم آهي دعوت. يعني ماڻهن کي اسلام ڏانهن سڏڻ: وَ مَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللهِ وَ عَمِلَ صَالِحًا[2] ”۽ ان شخص جي ڳالهہ کان وڌيڪ سٺي ۽ (سهڻي) ڳالهہ ڪنهن جي ٿي سگهي ٿي، جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ پاڻ چڱا عمل (ڪم) ڪيائين“. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ وَ جَادِلْهُمْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ[3] ”(اي نبي ﷺ توهان) حڪمت (دانائي) ۽ سهڻي نموني جي نصيحت سان پنهنجي پالڻهار جي واٽ ڏانهن سڏيو ۽ خوش اصلوبيءَ واري طريقي سان بحث ڪريو.“

رسول الله ﷺ جن پنهنجي آخري خطبهءِ حج جي موقعي تي پهريان تہ پاڻ ﷺ سمورن صحابي سڳورن ؓ کان اها شاهدي ورتي تہ ڇا مون الله جو دين ۽ ان جو پيغام توهان تائين پهچائي ڇڏيو آهي؟ ۽ جڏهن سمورن صحابي سڳورنؓ وڏي آواز سان اِهو چيو تہ ها اسان شاهدي ڏيون ٿا تہ توهان تبليغ جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي تہ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو:

فَلْيُبَلِّغِ الشَّاهِدُ الْغَائِبَ[4]

يعني هاڻي جيڪي ماڻهون هتي موجود آهن انهن جي ذميداري آهي تہ اهي الله جي دين ۽ ان جي پيغام کي انهن تائين پهچائين جيڪي هتي موجود نہ آهن ۽ پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي مشن کي پوري

۱) صحيح البخاری، كِتَاب أَحَادِيثِ الْأَنْبِيَاءِ، بَاب مَا ذُكِرَ عَنْ بَنِي إِسْرَائِيلَ

۲) ۳۔ سورة حم السجدة ۴۱: آيت: ۳۳

۳) ۴۔ سورة النحل ۱۶: آيت: ۱۲۵

۴) صحيح البخاری، كِتَاب الْحَجِّ، بَاب الْخُطْبَةِ أَيَّامَ مِنًى

ڪرڻ ڪانپوءِ هاڻي قيامت تائين ايندڙ پوري انسانيت تائين الله جي ڪلام کي پهچائڻ جي ذميداري امت جي ڪلهن تي وجهي ڇڏي، ڇڻ:

وقت فرصت ہے کہاں کام ابھی باقی ہے

نورِ توحید کا اتمام ابھی باقی ہے

تبليغ ۽ دعوت سان گڏ ٻين اصطلاح (Terminology) آهي ”امر بالمعروف و نهي عن المنڪر“ يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ هي اصطلاح وڏيڪ اهم آهي. ”امر بالمعروف“ يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ، نيڪيءَ جو پرچار، نيڪيءَ جي تلقين ڪرڻ ۽ ”نهي عن المنڪر“ يعني برائيءَ کان روڪڻ، بديءَ ۽ برائيءَ جي اشاعت کي اڳڀرو نه ڏيڻ ۽ جيڪڏهن قوت ۽ طاقت هجي ته برائيءَ کي زور سان روڪڻ. انهيءَ لاءِ هڪ حديث ۾ آهي ته مَنْ رَأَى مِنْكُمْ مُنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهِ فَإِنْ لَمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهِ فَإِنْ لَمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهِ وَذَلِكَ أَضْعَفُ الْإِيمَانِ(1) هڪ ٻي حديث جي آخر ۾ هي لفظ آيا آهن: وَمَا وَرَاءَ ذَالِكَ حَبَّتِه خَرَدَلٍ مِنَ الاِيمَانِ.يعني اي مسلمانو! توهان مان جيڪو منڪر يعني برائيءَ کي ڏسي ان جو فرض آهي ته ان کي پنهنجي هٿ يعني طاقت سان روڪي، جيڪڏهن ان جي طاقت نه آهي ته زبان سان روڪي يعني وعظ ۽ نصيحت سان روڪي، جيڪڏهن اها به طاقت نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ ڪڙهي (Boil) ته سهي! پر جيڪڏهن دل ۾ به نه ڪڙهي ته ڄاڻو ته ٻرَ جي ذري جيترو به ايمان ان جي دل ۾ نه آهي.

توهان برائيءَ کي ڏسو ۽ توهان کي ڪو احساس نه ٿئي، ڏسندي لنگهي وڃو اهو ڏک به نه ٿئي ته اهو ڇو ٿي رهيو آهي؟ منهنجي هٿ ۾ ايتري طاقت نه آهي ته آءٌ ان کي روڪي سگهان.

---

١)صحيح مسلم، كِتَاب الْإِيمَانِ، بَاب بَيَانِ كَوْنِ النَّهْيِ عَنْ الْمُنْكَرِ مِنْ الْإِيمَانِ

جيڪڏهن اها ڪيفيت آهي ته ڄاڻيو ته ذري جيترو ايمان به دل ۾ موجود نه آهي. اها فتويٰ ڪنهن جي آهي؟ فتويٰ حقيقي مفتي اعظم جي آهي. اهي پاڻ حضرت محمدﷺ جن آهن. سندن فتويٰ کي ڪير رد ڪري سگهندو؟ پر ياد رکڻ گهرجي ته قرآن پڙهڻ ۽ سکڻ ڪو معمولي (Insignificant) ڪم نه آهي حضورﷺ جن جو فرمان آهي ته:

خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهُ(1)

يعني توهان مان بهترين اهي (ماڻهون) آهن
جيڪي قرآن سکن ۽ (ٻين کي) سيکارين.

اسان مان هر هڪ جي خواهش هوندي آهي ته پنهنجي زندگيءَ لاءِ بهترين پيشو (Career & Profession) اختيار ڪري ڪو ڊاڪٽر ٿيڻ چاهي ٿو ته ڪو انجنيئر بڻجڻ لاءِ محنت ۽ ڪوشش ڪري ٿو. جيئن دنيا ۾ عزت واري زندگي گذاري سگهي. توهان ٿورو ويچار ڪريو ته اسان جي نبي اڪرمﷺ جن جنهن ڪم کي"بهترين" هئڻ جو لقب ڏنو آهي اُهو نه رڳو دنيا ۾ عزت ۽ احترام جو باعث آهي، بلڪه آخرت جي ڪاميابيءَ جو ضامن (Guarantor) پڻ آهي ته پوءِ اسان کي گهرجي ته پنهنجي زندگي صرف قرآن مجيد جي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ وقف ڪري دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪريون.

آخر ۾ دعا آهي ته الله تعاليٰ اسان سڀني کي قرآن مجيد جي حقن کي ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

---

1) بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من تعلم القرآن وعلمه

# انجمن خدام القرآن

قائم ڪرڻ جو مقصد

ايمان ۽ يقين جي سرچشمي

# قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمتن ڪي

وڏي پئيماني--- ۽ ---اعلىٰ علمي سطح

تي پکيڙڻ آهي.

ته جيئن مسلمان امت جي ساڃهه وند ماڻهن ۾

ايمان جي تازگيءَ

جي تحريڪ ايري پوي،

۽ اهڙيءَ طرح

اسلام جي ٻيهر ايرڻ ۽ دين جي غالب ٿيڻ

جي راهه هموار ٿي سگهي.